# فائق هليا فردوس ۾

از

حڪيم عبدالعزيز سرهندي

# فائق هليا فردوس ۾

"فائق هليا فردوس ۾ — جنت سندن جوءِ
فاني فنا في الله ۾ — هوءِ سان ٿيا هوءِ
رب ڏيکارئين ووءِ — انهن جي احسان سين"

(شاهه ڀٽائي)

**(مختصر سوانح عمري)**

عالم رباني، عارف حقاني، وارث، مجدد الف ثاني (رح)

مرشدنا و مولانا و قبلتنا

حضرت حافظ الحاج خواجه محمد حسن جان سرهندي، مجددي، فاروقي،

(رحمة الله عليه)

از


## حڪيم عبدالعزيز سرهندي

ڪنري (سنڌ)



١٣٩٠هه
سال ــــــــ
١٩٧٠ع

# مندرجات


| نمبر شمار | مضمون | | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١- | انتساب | از مصنف | الف |
| ٢- | پيش لفظ | از پروفيسر علي نواز جتوئي | ب |
| ٣- | شجره سلسله نقشبنديه | از حضرت قبله شاهه آغا صاحب مدظله العالي | س |
| ٤- | عرض حال | از مصنف | ف |
| ٥- | حسب ۽ نصب | " | ٢ |
| ٦- | ولادت با سعادت | " | " |
| ٧- | تعليم ۽ تربيت | " | " |
| ٨- | سنڌن آباء واجداد جي مختلف ملڪن ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ | | ٤ |
| ٩- | افغانستان مان عربستان هجرت ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ اچڻ | | ٧ |
| ١٠- | سنڌ مان عربستان وڃڻ ۽ واپس نڪري اچڻ | | ٩ |
| ١١- | سنڌن سمورا سفر حج | | ١٢ |

| نمبرشمار | مضمون | صفحه |
|---|---|---|
| ١٢- | ڪوئٽا جي زلزلي جو واقعو | ١۴ |
| ١٣- | مسجدن جي تعمير | ١٦ |
| ١۴- | عربي مدرسن کي جاري ڪرائڻ | ١٩ |
| ١٥- | تحريڪ خلافت | ٢١ |
| ١٦- | تحريڪ آزادي هندوستان | ٢٧ |
| ١٧- | حنفي مذهب جي حمايت ۽ سنڌن نيڪ ڪوششون | ٣١ |
| ١٨- | تصنيف ۽ تاليف | ٣٣ |
| ١٩- | معمولات زندگي ۽ مصروفيتون | ٣١ |
| ٢٠- | خورد و نوش، وهٽي ڪرڻ ۽ شڪل شباهت | ۴۴ |
| ٢١- | اخلاق حسنه ۽ عادات شريفه | ۴٨ |
| ٢٢- | مرض الموت ۽ وفات | ٥١ |
| ٢٣- | تاريخ وفات حسرت آيات ( سنڌي ) | ٥٢ |
| ٢۴- | تاريخ وفات حسرت آيات ( فارسي ) | ٥٨ |
| ٢٥- | حضرت [illegible] صاحب جي اولاد امجاد جو بيان | ٦٥ |
| ٢٦- | مصنف ڪتاب جي جد امجد ۽ سنڌن اولاد جو بيان | ٧٠ |
| ٢٧- | حرف آخر | ٨٢ |

# انتساب

آئون پنهنجي هن ڪتاب کي وڏي ادب ۽ احترام سان پنهنجي والده مرحومه (م ۱۳۷۷ھ) جي مبارڪ نالي سان منسوب ڪريان ٿو، جن جي صدق ۽ صفا، زهد ۽ تقويٰ سو لڪي گهڻو متاثر ڪيو. ۽ سندن بي مثال تربيت ۽ رهنمائي منهنجي زندگي ناهڻ ۾ گهڻي مدد ڏني.

ڍول ڏکـــي آهيـــان هيس اگهاڙي
رکي پنهنجو نانءُ، ڍڪر ڪيائين ڪاڪ جو
(شاهه)

سندن بي پاپان شفقت ۽ مادري محبت کي آئون ڪنهن به ويل وساري نٿو سگهان. هوءَ سدائين منهنجي روح ۾ رچيل ۽ سريئر ۾ سمايل آهن.

"جڏهن ڪر جاني سڄڻ سالگ سڌاريا
راتيان راحت ناهه ڪا ڏينهان حيراني
آئون پنهنجي پرين تان ڪوڙين قرباني
رضا رباني، ڏ ت، ڪريان وس وصال جا"
(شاهه)

"غمزده"

عبدالعزيز

# پيش لفظ

ٽنڊي محمد خان لڳ، ٽنڊي سائينداد جي قبلہ گاهہ روحاني، رهبر رباني حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي جن جي ڀلاري ۽ برڪت واري شخصيت کان سنڌ جي ڪهڙي ڪنڊ نا واقف آهي؟ پاڻ عالم بہ هئا ۽ ولي الله بہ. سنڌ جا ڪيترائي خانـدان سندن متبرڪ مريديءَ جي حلقي ۾ داخل هئا ۽ پيا سندن عقيدت منديءَ ۾ شامل.

ڪائنن روحاني فيض ڪن نورڙن شخصن حاصل ڪيو. حقيقت هيءَ هئي تہ.

وڪرِ ڀيو ڳون ڀيو، پر وهائڻ وارا وترا
(شاهہ)

بزرگن جي طرفان فيض ڏيڻ جي ڪوتاهي ڪانہ هوندي آهي مگر وٺڻ وارو ڪو هجي! گهڻن ماڻهن ڪائنن دينوي فائدا حـاصل ڪيا، ڇو جو سندن مريديءَ ۾ ڀيج وارا ۽ وڏا وڏا آفيسر جهجها هئا. از انسواهہ سندن دعائون ۽ تعويذ بہ اثرائتا هئا. خود هن خاڪسار بہ ڪائنن هڪ دم ڪيل ڌاڳو، امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ حاصل ڪيو هو. حضرت قبلہ گاهہ جن تعويذ لکي ڪونـہ ڏيندا هئا ۽ ان جي بجاءِ سڳو پڙهي ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ ”هن کي تعويذ ڪري ساڄي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏ.“

آئون سندن مريديءَ ۾ اٽڪل سنہ ١٩٣٨ يا ١٩٢٩ع ڌاري داخل ٿيو هوس. ان کان اڳ هڪ ٻئي نقشبندي بزرگ جو مريد ٿيل هوس، مگر انهن جي ذاتي اعتقادن ۽ ظاهري شريعت جي

مثالن مان حضرت جن (رح) جي وسيع نظري ۽ ڪشاده دلي معلوم ٿئي ٿي.

حضرت قبلہ گاهہ جن ساداتن ۽ عالمن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. جڏهن به اسان جي ڳوٺ جتوئن ۾ سندن اچڻ ٿيندو هو تڏهن دستور موجب ڪيترائي آس پاس جا ماڻهو سندن زيارت ۽ ملاقات لاءِ ايندا هئا. آئون ڏسندو هوس ته انهن ۾ جيڪي سادات يا مولوي هوندا هئا تن جي گھڻي عزت ڪندا هئا.

نبين کان پوءِ وليئن جو وجود مبارڪ عام انسان لاءِ برڪت جو باعث آهي. سندن سوانح حيات پڻ لاءِ رهبريءَ جي عملي راهہ آهي. حضرت حڪيم جناب عبدالعزيز جان سرهندي جن، جيڪي حضرت جن جا ڏوهٽا آهن، قبلہ گاهہ (رح) جن جي سوانح حيات قلمبند ڪري اسان تي احسان ڪيو آهي. "فائق هليا فردوس ۾" فيض جو هڪ فانوس ثابت ٿيندو، جنهن جي ذريعي، روحاني فردوس جي فضا مان فرحت بخش هيرون هنين کي محسوس ٿينديون. شال الله تعاليٰ پنهنجي پيارن جي محابي اسان ٻنهي کي سندن صحبتي ڪري، هن جهان ۾ به ۽ هن جهان ۾ به (آمين)

حقير تر از خاڪپاءِ اولياءِ الله

| | |
|---|---|
| ۱۰ مارچ ۱۹۷۰ع | علي نواز جتوئي |
| مطابق | رئيس، سنڌي شعبو |
| ۱ محرم ۱۳۹۰ ھ | سنڌ يونيورسٽي جام شورو |

# "شجره سلسلۂ نقشبنديہ"

(از حضرت قبلہ شاهہ آغا صاحب مدظلہ العالي)

حمد اول ہي ڇوان رب العلا جي واسطي.

شڪر بيحد خالق ارض و سما جي واسطي.

پوءِ ڇوان دل جان سان لک لک صلواتون ۽ سلام.

سيد الڪونين ختم الانبيا جي واسطي.

ڪر ڪرم مون تي خدايا مصطفيٰ جي واسطي.

حضرت صديق اڪبر با صفا جي واسطي.

رک سلامت دين ۽ ايمان منهن جو اي خدا.

حضرت سلمان فارس پارسا جي واسطي.

نيڪ ڪر قسمت اسانجي ۽ سعادت ڪر نصيب.

حضرت قاسم امام الاتقيا جي واسطي.

صادقن سان حشر ڪر منهن جو الله العالمين

جعفر صادق امام الاوليا جي واسطي.

ڪر زياده دين ۽ ايمان اسانجو باليقين.

با يزيد بو سطامي پيشوا جي واسطي.

بوالحسن سو خارقاني شهر جو ساڪن هيو.

صاحب ڪشف و ڪرامت مقتدا جي واسطي.

حضرت شه بو علي عاليٰ حسب عالي نسب

صاحب علم و عمل نور الهديٰ جي واسطي.

حسن ظاهر حسن باطن شيخ يوسف کي هئو

ڏي اسانکي حسن ٿي ان مه لقا جي واسطي.

عبد خالق غجدواني هو امام العارفين

خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا جي واسطي.

معرفت پنهن جي عطا ڪر ۽ محبت ڪر نصيب

پير ڪامل عارف راهِ هديٰ جي واسطي.

نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر

حضرت محمود شاهه اصفيا جي واسطي.

سلسلہ جو پير ڪامل هو علي رامِيتني

حضرت بابا سماسي با صفا جي واسطي.

پير پيرن جو وڏو هئو سيد مير ڪلال

ڪم ڪند و ڪنيار ڪوهه بي ريا جي واسطي.

نقش بند نقش بندان هو بهاؤالدين ولي

تنهن ڪيو روشن طريقو هي خدا جي واسطي.

دل ۾ ذڪر حق جو ڇرخو ڇو زبان هر روز شب

حضرت يعقوب چرخي پيشوا جي واسطي.

بند نفس و قيد شيطان کان خدا آزاد ڪر

خواجهٔ احرار شاهه بي ريا جي واسطي.

زهد ۽ تقويٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا

زاهد و درويش و خواجه امڪنا جي واسطي.

ڪر بقا با الله سان موصوف فاني غير کان

شيخ عبدالباقي- باقي بقا جي واسطي.

جنهن ڪيو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيو

تنهن مجدد الف ثاني مقتدا جي واسطي.

ڏي اسانکي يا الاهي تون گناهن کان پناهه

خواجهٔ معصوم اول حق نما جي واسطي.

رنگ اسانکي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا

صبغة الله شاهه بي رنگ وريا جي واسطي.

شاهه اسماعيل جو هو صاحب تقويٰ عجيب

جنهن ڪئي قربان جان تنهن جان فدا جي واسطي.

خواجهٔ معصوم ثاني شه غلام محمد ولي

صاحب فيض و ڪرامت با صفا جي واسطي.

دل اسانجي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر

شه صفي الله امام الاصفيا جي واسطي.

شاهه فضل الله جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾

فضل ڪر يا رب اسان تي اوليا جي واسطي.

حضرت شه عبدقيوم هو انهن جو جا نشين

صاحب علم و عمل فيض و هديٰ جي واسطي.

حضرت شه عبدالرحمٰن هو سراج الاوليا

آفتاب معرفت نور الهديٰ جي واسطي.

هو ابو ۽ پير اسانجو مخلصن تي مهربان

حضرت خواجه حسن جان رهنما جي واسطي.

نا اميدي ڪاسڪر اي "شاهه آغا" شاد رهه

فضل هنجو آهي دافع هر بلا جي واسطي.

**********

# عرض حال

در حقيقت زير نظر ڪتاب "فائق هليا فردوس ۾" بطور مقدمه جي جناب حضرت صاحب (رح) جنجي تصنيف ڪيل ڪتاب "سفر نامه حجاز" لاءِ لکيو هوم. مگر ڪن سببن جي ڪري اصل ڪتاب جي اشاعت ۾ دير ٿيڻ لڳي. ۽ مون خيال ڪيو ته متان اهو ڪم اڌ ۾ نه رهجي وڃي. انهي ڪري ننهن جي مضمون کي ڌار ڪتاب جي صورت ڏني "فائق هليا فردوس" جي نالي سان پيارائي سندن مخلصن، عقيدت مندن ۽ پوين جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

جناب حضرت نانا سائين (عليه الرحمة) جن جي سوانح عمري بابت منهن جو هي مختصر مضمون بلڪل ناڪافي. ان لاءِ ته هڪ ضخيم ڪتاب جي ضرورت آهي. جيئن مون ڪتاب جي منڍ ۾ عرض ڪيو آهي ته هي مضمون بطور مقدمه جي لکيو ويو هو. جنهن کي پوءِ ڪجهه اضافن سان سنواري سهڻي ڪتاب جو جامو پارائي سڄڻ جي سامهون آندو اٿم.

جيڪڏهن حضرت صاحب جن جي "حيات مبارڪ" جا مفصل حالات پڙهڻا هجن ته سندن وڏي فرزند حضرت قبله شاهه آغا صاحب مدظله جن جي جوڙيل ڪتاب "مونس المخلصين" (فارسي) جو مطالعه ڪندا جنهن ۾ سندن زندگي جا سڀ پهلو پيش ڪيا ويا آهن.

مون پنهنجي ڪتاب ۾ به "مونس المخلصين" مان گهڻي مدد

ورتي آهي- ۽ وڏيڪ پنهن جي يادگيري ۽ مشاهدي جي آڌار تي احوال قلمبند ڪيو آهي.

آئون پنهنجي مربي ۽ مرشد حضرت صاحب (رحمة الله عليه) جن جي روح ۽ فتوح کي مخاطب ٿي بابر بادشاهه جا چيل اهي ٻه بيت عرض ڪريان ٿو- جيڪي هن پنهن جي روحاني رهبر حضرت خواجه عبيدالله احرار(رح) جي وفات کان پوءِ سندن تصور دل ۾ آڻــي هيئن چيا هئا.

در هوائے نفس گمره عمر ضايع کرده ايم
پيش اهل الله از افعال خــود شرمنده ايم
يک نظر بر مخلصان خسته دل فرما که ما
خواجگی را مانده ايم و خواجگی را بنده ايم

---

سرهندي دواخانه ڪنري (سنڌ) ناچيز
١٠ مئي ١٩٧٠ع حڪيم عبدالعزيز سرهندي

*********

ڪان ورتائون. تنهن ڪان پوءِ وقت جي ٻين عالمن ۽ فاضلن ڪان به ديني علوم حاصل ڪيائون. باطني فيض ۽ سلوڪ جا مرحلا به پنهن جي والد بزرگوار (رح) جي رهنمائي ۾ طئي ڪيائون. ۽ ولايت ۽ معرفت جي منزل تي پهتا. بقول شاهه ڀٽائي (رح)

"سي ٻوڙارا ٻڙ ٿيا سمنڊ سيريو جن
آندائون عميق مان جوتي جواهر
لڌائون لطيف چئي لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن ملهه مهانگو تن ٻو"

*****

# سندن آباءُ و اُجداد جي مختلف ملڪن ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ

## سرهند شريف - پشاور - قندهار ۽ سنڌ

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي (قدس سرہٗ) سنه ١٠٣٤ھ ۾ سرهند شريف اندر وصال فرمايو. سندن وفات کان پوءِ پنجن پشتن تائين سندن اولاد امجاد انهي شهر ۾ مقيم رهيو. جڏهن هندوستان ۾ اسلامي حڪومت کي زوال آيو ۽ مغليه سلطنت جو شيرازو منتشر ٿيو ته سکن پنجاب جي علائقي تي پنهنجو قبضو ڄمايو. شهر "سرهند" جيڪو ورهن کان وٺي حضرت مجدد الف ثاني ۽ سندن اولاد جو وطن هو. تباهه ۽ برباد ڪيائون ۽ اتي جي باشندن کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايائون. سکن جي انهيءَ وحشانيت ۽ درندگي کان تنگ اچي حضرت مجدد (رح) جو سمورو اولاد پنهنجي آبائي وطن مان هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيو. انهن مان ڪن دهلي. ڪن رامپور. ڪن ڀوپال. ڪن سنڌ. ڪن پشاور. ڪن ڪابل ۽ ڪن قندهار کي وڃي وسايو ڪن بلخ ۽ بخارا ڏانهن رخ رکيو. ڪن وڃي عرب جي پاڪ سر زمين کي پنهنجو پناهه گاهه بڻايو. اسانجي ممدوح ۽ مرشد حضرت خواجه محمد حسن جان (رح) جي ڏاڏن مان حضرت شاهه غلام محمد (رح) ۽ انجي فرزندن حضرت شاهه غلام حسين (رح) ۽ حضرت شاهه غلام حسن (رح) قندهار جي بادشاهه احمد شاهه ابدالي جي استدعا تي پشاور شهر کي پنهنجي رهائش لاءِ پسند ڪيو. ۽ پشاور ان وقت ۾ قندهار جو هڪ صوبو هو. ۽ احمد شاهه ابدالي جي زير فرمان هو. حضرت شاهه غلام محمد (رح) "قدوة الاولياء" جو اهو

برڪت پريا قدم ڀيرائين. ۽ سندن دعوت قبول ڪن. پين جون آجون ته قبوليت جي درجي ۾ نه آيون. مگر ٽکڙ جي ساداتن جو مطالبو ڪونه موٽايائون ۽ سيد ميران محمد شاه اول (سنه ١٢٢٥ﻫ سنه ١٣٠٩ﻫ) جيڪو سندن استقبال لاءِ ٽکڙ مان ڪاهي ۽ ٽي سو ميلن جو مفاصلو طئي ڪري ياگ ناڙي پهتو هو. انجي استدعا کي ڪونه موٽايائون ۽ سندن ڳوٺ ٽکڙ تعلقه گوني ضلع حيدرآباد ۾ اچي قيام ڪيائون سيد مڪورا ۽ مرشد جي خدمت لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا ۽ چگو ڀاڱ موڪيائون.

حضرت صاحب وڏن عليه الـرحمة جـي وفات ڪان پوءِ سيني مخلص، عزيـزن ۽ عالمن جـي اتفاق رائي سان حضرت خواجه حاجي حافظ محمد حسن جان پنهن جي والد ماجد جي مسند مبارڪ تي جلوه افروز ٿيا۔ ۽ هڪ سال جو عرصو ٽنڊي ۾ رهڻ کان پوءِ سنه ١٣٠٦هه ۾ لاڙي اچي ٽنڊي سائينداد ۾ مستقل طرح سڪونت اختيار ڪيائون۔ جتي اڄ تائين سندن ٺهرايل ڪوٽ، حويليون، اوطاقون ۽ مسجدون موجود آهن۔

# سندن سمورا سفر حج

## ٻيون سفر حج سنہ ١٣٢٠ھ

سنہ ١٣٢٠ھ ۾ ڪين ٻيهر حرمين الشريفن جي زيارت جو شوق پيدا ٿيو ۽ پنهن جن مخلصن ۽ محبن جي جماعت سان ١٤، رمضان المبارڪ جو ٽنڊي سائينداد مان روانا ٿيا- وري ٢٥ صفر سنہ ١٣٢١ھ خيرعافيت سان موٽي آيا- انهي سفر ۾ سائن سيد عبدالحڪيم شاھ ٽڪڙ وارو- سيد باقرشاھ ٽتي وارو ۽ ٻيا رفيق ساڻ هئا- پاڻ رسالہ "ٻنج گنج" بہ انهي سفر ۾ تصنيف فرمايائون جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو-

## ٽيون سفر حج سنہ ١٣٢٢ھ

وري سنہ ١٣٢٢ھ ۾ ڪين "ٻرين جي پار" جي پڪ ٿي انهي سفر ۾ سائن مريد خادم ۽ دوست احباب گڏ هئا- تن مان مرحوم حاجي عبداللطيف بختيارپوري- حافظ اسماعيل ٺقرج مڪان ٻين تعلقہ ڪهري وارو- ڊاڪٽر شيخ شمس الدين حيدرآباد وارو ۽ حاجي عبدالله مڪراني سندن خادم ۽ ٻيا هئا-

## چوٿون سفر حج سنہ ١٣٣٢ھ (١٩١٤ع)

چوٿون ڀيرو سنہ ١٣٣٢ھ ۾ سيني انبيائن ۽ اوليائن جي زيارت لاء بصره، بغداد، ڪربلا، نجف اشرف، شام، بيت المقدس ۽ نجد جي رستي ڪان سفر اختيار ڪيائون- الهي سفر جا عجيب و غريب حالات هن "سفرنامہ" ۾ اوهان جي سامهون آهن- جنجي بيان ڪرڻ

جي ڪا ضرورت نہ آهي. انهيءَ سفر ۾ جن رفيقن حضرت صاحب جن سان ساٿ ڏنو. تن ۾ سندن وڏو فرزند حضرت شاهه آغا صاحب. حضرت غلام دستگير جان مرحوم (سندن سوٽ ۽ راقم الحروف جو والد ماجد) سيد عبدالله شاهه واهڙائي. سيد فضل علي شاهه ٻانائي. وڏيرو محمد حسن ميهڙائي. مولوي قاضي نظر محمد سومرو ديهاتي ۽ ٻيا هئا.

---

حضرت شاهه آغا صاحب مدظله ڪان سواءِ هن وقت ٻيا سڀ رفيق "رفيق اعليٰ" سان ملي چڪا آهن. شال رب سائين مٿن ٻنهن جي رحمتن جو نزول فرمائي ۽ ڪين مرهي.

## پنجون سفر حج سنه ۱۳۵۷ھ (مطابق ۱۹۳۸ع)

هي سفر سندن آخري سفر حج بيت الله هو. جنهن ۾ پاڻ پنهنجي مخلص مريدن جي وڏي جماعت ۽ سڄي اهل و عيال سان گڏ ديار حبيب (ص) جي آخري ديدار لاءِ ويا هئا. رفيقن ۾ سندن صاحبزادو حاجي عبدالستار جان. صاحبزادو محمد اسحاق جان. قاضي عبدالڪريم مهيسر ميهڙ وارو. حاجي محمد محسن ڏوڪري وارو. مخدوم احمد علي بوبڪن وارو. مولوي ميان عبدالقيوم بختيارپوري. خانبهادر غلام محمد اسراڻ لاڙڪاڻي وارو. حاجي علي محمد پٺاڻ سندن خادم ۽ ٻيا هئا.

---

هڪ اهليہ. هڪ انجي ڀيڻ. هڪ خادم. هڪ انجو پٽ. هڪ مهمان ڪل ڏهہ ماڻهو هڪڙي پل ۾ الله کي پيارا ٿيا. انهي نا قابل برداشت صدمي کي پاڻ جنهن صبر ۽ سڪون سان سٺائون. اهو سندن ني ڪمال هو. تسليم ۽ رضا جو هي اهو مقام آهي. جو فقط الله وارن کي ئي حاصل ٿيندو آهي. بقول شاهہ ڀٽائي (رح)

"دوست ڪهائي داد لا محب مارائي
خاص خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
انهيءَ منجهہ آهي ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي

# مسجدن جي تعمير

جنهن به جاءِ تي سندن رهائش يا سڪونت ٿيندي هئي ته پاڻ پهريائين اتي مسجد جو بنياد وجهندا هئا. ۽ حديث شريف

ومن بني الله مسجداً. بني الله له بيتاً في الجنة

جي حڪم پٽاندر پنهن جي لاءِ جنت ۾ جاءِ جوڙائيندا هئا. جيترو اسان جي معلومات ۾ آهي ته حضرت صاحب (رح) جن ست مسجدون نئين سر پنهن جي خرچ ۽ ڪوشش سان تعمير ڪرايون هيون. باقي جن مسجدن جي اڏاوت ۾ پاڻ مدد يا خيرات ڏنائون تن جو بيان هتي نه ٿا ڪريون.

## ١- پهرين مسجد شريف

مڪان پوٺل تعلقه ساماري ۾ جتي ان وقت حضرت صاحب (رح) وڏن جي زمين سندن سنڀال ۾ هئي. اتي مسجد تعمير ڪرايائون.

## ٢- ٻي مسجد شريف

مڪان ٻڻ تعلقه کپري ۾ پنهن جي زمينداريءَ تي مسجد ٺهرايائون ۽ تاريخ تعمير انجي ۾ پاڻ جڙي اٿن. اها ڪا شيءِ جي سر جنهن تي تاريخ تعمير لکيل آهي سا اڄ ڏينهن تائين مسجد تي لڳل آهي. اها تاريخ هيءَ آهي.

روز محشر ڪه جان گداز بود — اولين پرسش نماز بود
سال تاريخ اين خجسته بنا — گشت ظاهر ز "مسجد الغربا"

١٣٤٢

باڻي جو چشمو ڪجھ نڪرو زمين جو خريد ڪيو هئائون. اتي اوطاق ۽ مسجد ٺهرايائون، سندن ارادو اهو هو ته ماڻهن جي گوڙ شور کان ڪجھ وقت نوبڪلائي ۾ گذاريو وڃي.

## ٧- ستيون مسجد شريف-

شڪارپور سنڌ ۾ هزاري در جي ويجهو جتي سندن موروثي مڪان آهي. اتي پراڻي مسجد جي جاءِ تي نئين مسجد پڪي طبقي تيار ڪرايائون. جا اڄ ڏينهن سوڌو آباد آهي. ۽ منجهس پنجئي وقت "الله اڪبر" جو آواز بلند ٿيندو وهي ٿو.

* * * * *

استعمال قطعي حرام آهي سنڌ جي عالمن جي اڪثريت انهن سان همنوا ٿي پيئي. مگر مولانا محمد هاشم صاحب جو هڪ پڪو خلافتي ۽ کدر پوش هو تنهن صاف ۽ واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته شريعت محمدي جي ڪنهن به دليل سان ولائتي ڪپڙي جي حرمت ثابت ڪانهي. تنهن ڪري خواه مخواه الله ۽ رسول تي افترا پردازي نه ڪئي وڃي. باقي بيشڪ مسلمانن کي پڌايو وڃي ته هندوستاني ماڻهن جي بهتري انهيءَ ۾ آهي ته ولائتي ڪپڙو استعمال نه ڪن. پاڻ اهڙي تحرير لکي وقت جي عالمن جي آڏو رکيائون. مگر مجموعي خواه انفرادي ڪوشش جي باوجود به سندن تحرير جو جواب لکجي نه سگهيو"

سيد علي اڪبر شاه کي مسلم ليگ جو ٽڪيٽ ڏنو ويو آهي- انهي ڪري اوهان تي لازم آهي ته هنجي مخالفت تان دستبردار ٿيو- ۽ جيستائين ممڪن هجي ته هنجي امداد ڪريو-" والسلام

٢٦، صفر سنه ١٣٦٥هه

فقير محمد حسن عفي عنه

مسلم ليگ جي اعانت ۽ ڪانگريس جي مخالفت ۾ هي سندن آخري خط آهي- سندن دعا ۽ باطني توجهه جي برڪت سان انهي اليڪشن ۾ مسلم ليگ کي شاندار ڪاميابي حاصل ٿي- ۽ قيام پاڪستان جي لاءِ رستو هموار ٿيو.

انهيءَ خط کان پنج مهنا پوءِ ۽ "پاڪستان" جي معرض وجود ۾ اچڻ کان تيرهن مهنا اڳ جناب حضرت صاحب عليه الرحمة جن سفر آخرت اختيار ڪيو-

******
****
**

جي معزز ماڻهن جي هڪ ميٽنگ شڪارپور سنڌ ۾ ڪوٺايائون جنهن ۾ علماء ۽ مشائخ به گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿيا هئا. ۽ روضه اقدس جي حفاظت لاءِ طريق ڪار سوچڻ لڳا. آخر هيءَ طئي ٿيو ته سنڌ جي مسلمانن پاران هڪ گڏيل احتجاجي تار ابن سعود بادشاهه نجد جي ناالي موڪلي وڃي. خانبهادر علي بخش محمد حسين جيڪو وائسراءِ هند جي ڪائونسل آف اسٽيٽ جو ميمبر هو. ان وائسراءِ هند جي ذريعه انهيءَ تار کي بادشاهه نجد ڏانهن موڪليو. ٻه ڏينهن به ڪونه گذريا ته تار جو جواب بادشاهه ابن سعود جي طرفان پهتو ته "اوهان تسلي ڪريو. اسان روضه اقدس جي بي حرمتي ڪانڪٿي آهي. نه ڪو انهي ڍاهڻ جو ڪو ارادو ورڪون ٿا"

انهيءَ جواب اچڻ ڪانپوءِ اسانجي حضرت صاحب (رح) جن کي ڪجهه قدر اطمينان ٿيو. اگرچه نجدين جي قول ۽ وعدي تي ڪين يقين نه ٿي آيو. ڇالاءِ ته هنن جي قوم "غط غط" جي وحشانيت ۽ بربريت جا قصا زبان زد عام و خاص ٿي چڪا هئا.

★★★★★★

# تصنيف ۽ تاليف

حضرت صاحب (رح) جن تصنيف ۽ تاليف جي فن ۾ زبردست مهارت ۽ وڏي دسترس رکندا هئا. قلم برداشته فصيح بليغ جملا ۽ دلپسند عبارتون لکندا هئا. جنهن کان پڙهڻ واري تي سرور ۽ کيف جي حالت طاري ٿي ويندي هئي. عربي ۽ فارسي زبانن تي کين پورو پورو عبور حاصل هوندو هو. تحرير ۾ تصنع تکلف ۽ غرابت نگاري کان هوندي هئي عبارت سادي سليس ۽ عام فهم هوندي هئي. انهي ڪري ئي سندن مکتوبات ۽ ٻين مضامين ۾ ماڪي وارو مثال موجود هوندو هو.

هاڻي اسان سندن تصنيف ڪيل ڪتابن جي فهرست پيش ڪريون ٿا. جن مان ڪي ته ڇپيل آهن ۽ ڪي اڃان قلمي حالت ۾ سندن ڪتب خانه جي زينت بڻيل آهن. پهريان اسان ڇپيل ڪتابن جو ذڪر ڪريون ٿا.

## (١) انيس المريدين (فارسي)

هن ڪتاب ۾ پنهن جي والد بزرگوار حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان مجددي الفاروقي رحمته الله عليه (١٢٣٣هه - ١٣١٥هه) جي سوانح حيات مناقب ۽ فضائل ۾ لکيو اٿن. طريقه نقشبنديه جي سلوڪ جي درجن ۽ انجي لطيفن کي به بيان ڪيو اٿن. هي ڪتاب پاڻ سنه ١٣١٦هه ۾ لکڻ شروع ڪيائون سنه ١٣٢٨هه ۾ پورو ڪيائون ٢٠٠ صفحن تي مشتمل آهي. مطبع مجددي امرتسر ۾ ڇپيو ۽ مفت ۾ تقسيم ٿيو.

آخر ڪتاب ۾ ڪجهه عجيب واقعات جيڪي پاڻ اکين سان ڏٺائون اهي به هن ۾ لکيا اٿن.

ڪتاب ٽايل ڊيڊ آهي. ٦٠ صفحن تي مشتمل مطبع نظامي ڪانپور مان سنه ١٣٤٨ھ ۾ ڇپيو. انجو اردو ترجمو به شايع ٿيو هو.

## (٨) شرح حڪم (فارسي)

علم توحيد ۽ معاملات عبدبامعبود جي بيان ۾ هي ڪتاب اصل عربي زبان ۾ شيخ عطاء الله اسڪندراني جو لکيل آهي. انجا ڪيترا شرح به لکيا ويا آهن سنه ١٣٤٢ھ ۾ حضرت صاحب (رح) جن کي خيال آيو ته جيڪڏهن هن ڪتاب جو فارسي ۾ آسان شرح لکيو وڃي ته حق جي طالبن لاءِ بيحد فائده مند ٿيندو. جيئن پاڻ فرصت جي لمحات ۾ انجو شرح مختصر لموني سان لکڻ شروع ڪيائون. جيڪو سنه ١٣٤٤ھ ۾ وڃي مڪمل ٿيو.

ڪتاب ٢٠٠ صفحن تي مشتمل آهي. ۽ سنه ١٣٥٧ھ ۾ مطبع الفقيه امرتسر مان شايع ٿيو.

* * * * * * * * *

# غير مطبوعہ ڪتاب

## (١) شفاء الامراض (عربي)

وردن وظيفن ۽ تعويذات جو مجموعہ آهي جنهن ۾ جسماني بيمارين جو روحاني علاج ٻڌايو ويو آهي- هي ڪتاب پاڻ سنہ ١٣١٤ھ ۾ لکيو هئائون-

## (٢) ترجمہ عهود و مواثيق (فارسي)

تصوف ۽ اخلاق جي موضوع تي اصل امام شعراني جو لکيل آهي پاڻ انجو سليس فارسي ۾ ترجمو ڪيو ائون-

## (٣) الاشارة الى البشارة (فارسي)

مسئلہ رفع سبابہ جي بيان ۾ علماء حنفيہ جي تحقيق جي روشني ۾

## (٤) سرور المحزون (عربي)

لطائف ظرائف ۽ نوادرات جي بيان ۾-

## (٥) رسالہ در علم قرأت (فارسي)

فن قرأت ۽ تجويد جي بيان ۾-

## (٦) لغات القرآن (عربي)

قرآن مجيد جي مشڪل الفاظ جو تفسير ۽ لغت قرآن-

### (٧) رسالہ عالم برزخ (فارسی)

عالم برزخ ۽ ارواح جي بيان ۾.

### (٨) انتخاب ديوان صائب (فارسی)

مرزا صائب اصفهاني جي ديوان جو انتخاب.

### (٩) انتخاب رباعيات عمر خيام (فارسی)

حڪيم عمر خيام جي رباعين جو انتخاب

### (١٠) پنج گنج (فارسی)

هي ڪتاب سنہ ١٣٢٠ھ واري سفر حجاز ۾ لکيو هئائون جنهن ۾ پنج رسالہ گڏ آهن. (١) سفر نامہ حرمين (٢) ادعيہ ۽ احڪام حج (٣) الاحاديث المسلسلة بالاولية مع الاجازة من الشيخ ابونصرشامي (٤) شرح چهل ڪاف (٥) نصيحت نامہ.

### (١١) سفرنامہ عراق، حجاز ۽ شام (فارسي)

سنہ ١٣٣٢ھ ۾ پاڻ سفر حج بيت الله ڪيائون. انهي سفر جا حالات هن ڪتاب ۾ لکيا اٿن. هي سفر نامون جيڪو اوهان جي سامهون آهي. اهو انجو سنڌي ترجمو آهي.

### (١٢) عجائب المقدورات (فارسی)

عجيب و غريب واقعات جيڪي پاڻ پنهن جي زندگي ۾ ڏٺائون تن جي بيان ۾.

********

## بصارت-

اکين جي نظر پڇاڙي تائين ٺيڪ رهي- ڪڏهن ڪڏهن چشمون به لڳائيندا هئا- پر گهڻو ڪري لکڻ پڙهڻ جو ڪم بغير عينڪ جي ڪندا هئا.

## سماعت-

ٻڌڻ جي قوت به آخر تائين قائم رهي- ۽ هو پاڻ هلڪي ڪان هلڪو آواز به ٻڌي سگهندا هئا- ۽ متڪلم کي زور سان ڳالهائڻ جي ضرورت پيش ڪانه ايندي هئي-

## سڄع يا مهر-

پاڻ عام خط و ڪتابت تي فقط پنهنجو دستخط ڪندا هئا- ۽ نالو پنهنجو "محمد حسن عفي عنه" لکندا هئا- ۽ ڪڏهن ان ۾ "فقير" جو به اضافو ڪندا هئا- مگر "محمد" جو لکڻ لازمي هو- جيڪڏهن مريدن مان ڪو سندن نالي سان گڏ لفظ "محمد" جو نه لکندو هو ۽ يا القاب آداب لکندو هو مثلاً حضرت حسن جان يا خواجه حسن جان- ته پاڻ ان تي ناراض ٿيندا هئا- ۽ ان شخص کي تنبيه ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته منهنجي نالي جو سرتاج لفظ "محمد" آهي انهيءَ کان مون کي محروم ڇو ڪريو ٿا؟ سندن منڍي تي هي مهر اڪريل هئي.

> عاقبت مابم محمد حسن شود
> سنه ١٣٠٧ هه

انهيءَ مهر کي پنهنجي جيب ۾ حفاظت سان رکندا هئا- ۽ ڪن ضروري ڪاغذات تي لڳائيندا هئا-

# اخلاق حسنه ۽ عادات شريفه

ماڻهو گهڻو ڪري بزرگن جي حالات ۾ هنن جي ڪشف ۽ ڪرامات جي ڳالهين کي ڳولهيندا آهن- ۽ انهيءَ کي سندن ولايت جو معيار سمجهندا آهن- مگر اها سراسر ٻي سمجهي آهي- ولايت ۽ ڪرامت جو سڄو دارو مدار سنت جي متابعت ۽ احوال جي استقامت ۾ آهي- اڳين وقت جا اولياء الله ڪشف ۽ ڪرامات کي نقص ڪري سمجهندا هئا- جيڪڏهن ڪنهن بزرگ کان بي اختياريءَ جي حالت ۾ ڪا اهڙي غير معمولي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي هئي ته ان تي پشيمان ٿيندا هئا- ۽ استغفار پڙهندا هئا- طريقه نقشبنديه جي سڀني مشائخن انهيءَ جي اصول تي عمل ڪيو آهي- ۽ ڪرامتن کي ڪا اهڙي اهميت ڪانه ڏني اٿن- ۽ نه انکي ولايت جو معيار ڄاتو اٿن- بلڪ انهيءَ کان پرهيز ۽ پاسو ڪيو اٿن-

حضرت مرزا مظهر جان جانان دهلوي فرمائي ٿو:-

ما برائے استقامت آمدیم　　　نے پئے کشف و کرامات آمدیم

شيخ الاسلام حضرت عبدالله انصاري جو مقول آهي ته:-

"جيڪڏهن تون پاڻيءَ جي مٿان هلين ٿو ته ڪک آهين- هوا ۾ اڏامين ٿو ته مک آهين- ۽ ڪنهن جي دل هٿ ڪرين ٿو ته ماڻهو آهين"

مولانا روم فرمايو آهي ته:-

"دل بدست آور که حج اکبر است
وز هزا ران کعبه یک دل بهتر است"

سان سينگاريو هو. مجمع حسنات و برڪات هئا. اسانجي فڪر ۽ فهم ڪان سندن مقام مٿاهون آهي. ڪيئن ڪاغذ ڪارا ڪريون ته ۽ هنن جي مدح ۽ منقبت جي فرض ڪان سبڪدوش ٿي نه ٿا سگهون. ۽ هنن جي "خلق عظيم" جي پربل باغ مان ڪهڙا ڪهڙا خوشنما گل چُني ناظرين جي اڳيان پيش ڪريون ٿا؟ مجبور ٿي پنهن جي تنگ داماني جو اعتراف ڪرڻو ٿي پوندو.

داماں نگہ تنگ، گل حسن تو بسیار
گل چین بہار تـو ز داماں گلہ دارد

ليس علي الله بمستنكر ۔۔ ان يجمع العالم في واحد

(الله تعاليٰ جي قدرت ڪان هيءَ ڳالهه بعيد نه آهي ته دنيا جون ڌار ڌار صفتون هڪ فرد واحد ۾ گڏ ڪري ڏيکاري.)

********

# مرض الموت ۽ وفات

سندن ذات بابرڪات ڪان سالن جا سال هي عالم روشن رهيو. جڏهن ته هن دار فنا مان دار بقا ڏانهن هر ڪنهن کي ڪوچ ڪرڻو آهي حضرت صاحب (رح) جن به قريباً چاليهه ڏينهن جي بيماري کان بعد سومر جي ڏينهن تاريخ ۲، رجب سنه ۱۳۶۵ھ (مطابق ۲ جون سنه ۱۹۴۶ع) ۸۷ ورهين جي ڄمار ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري اعليٰ عليين ڏانهن تشريف کڻي ويا ۽ پنهنجي رفيق اعليٰ سان وڃي ملاقي ٿيا.

"فائق هليا فردوس ۾ جنت سندن جوءِ
فاني فنا في الله ۾ هوءِ سان ٿيا هوءِ
رب ڏيکارئين روءِ انهيءَ جي احسان سين"

(شاعر)

ٻئي ڏينهن طلوع آفتاب کان پوءِ سندن جنازي جي نماز ٽنڊي سائينداد ۾ پڙهي وئي ۽ جسد مبارڪ کي دفن ڪرڻ لاءِ مقبري شريف (گنجي ٽڪر) ڏانهن کڻي ويا. هن بحر علوم ۽ سر مڪتوم کي سندن والد بزرگوار حضرت حاجي عبدالرحمان (رحمة الله عليه) جي پاسي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. پنهنجي عاشقن آخروي زندگيءَ ۾ نه هڪ ٻئي جي وڇوڙائي ۽ وصال حاصل ڪيو.

ماده تاريخ لفظ "اغفرلــه" مان نڪري ٿو.

۱۳۶۵ھ

********

# تاريخ وفات، حسرت آيات

سندن وفات حسرت آيات جي حادثہ تي ڪيترن شاعرن مرثيا، منقبتون ۽ تاريخون چيون آهن۔ ۽ پنهن جي عقيدت جا گل سندن حضور ۾ پيش ڪيا آهن۔ تن مان اسان هتي صاحبزاده محمد ابراهيم جان "**خليل**" سرهندي جي تاريخ نذر ناظرين ڪريون ٿا۔

## "تاريخ وفات"

اي دست روزگار تو هي ڪهڙو ڪم ڪيو
ڪيئن هٿ هٿي اجهائي ڇڏيئي ڏيهہ جو ڏيو؟
جنهن ڪان سريو ٿي نور سڄي سنڌ هند کي
جنهن جي شعاع تاب هو سج چنڊ جو نيو
جنهن نور ماپ سان نہ ورائيون ڪڏهن وٺون
جنهن اوٽ ڪئي سدائين ڏنو فيض اڻ ميو
جنهن پڻ اياڻن ڪي مٺي معرفت منجهان
ڏڪ ڏڪ پياري ڏول عجب سان ٿي ڏيو
جنهن سان نظر نوازيو هر خاص و عام کي
جنهن "رب جي ڪڙي ۾ هو سڀ لوڪ کي ليو۔
جنهن ڪس مهرس سان ڀري ڪيون ڪيئي شفقتون
درياهي خلق جنهن جو ٿي ناڪس مٿان نيو
جو هر ڪماليت ۾ رسيو هو ڪمال کي
جنهن جهڙو ملڪ منجهہ نہ ڏينڊو نہ ڪو ڏيو

اخلاق، حسن، بخت ۽ عرفان، علم و عقل
ماڻيا هتا جنهن مڙيئي ته جهڙس هو ڪو ٻيو

ڪير آهي اڄ خدا جي ڏسي ڪير معرفت؟
سيڪوئي ٻنهن جي ديڻ جي ڀٽ ڪوهه ۽ ٻيو

وحدت جي وات جو نه رهيو ڪو ولي و شاق
سنسار سارو آهي مگر سيج ڏسي ويو

تارا ڪڙن تا سج ۽ ڪلهن ڪو ڪڙيو ڪئي؟
ڪيئن سج ڪڙيو اسانجو ڏسو رنگ ڇا ڏيو

جنت جو ڏيو جڙاء اچي منجهه آخرت
دليا ۽ هو ته جڳ جو جنسار ڏسي جيو

ڏيهن ۽ ڏک ڏوا ۽ ساتام ماسرا
سيئن ۽ سور غم جو سلو هاڻي سر جيو

وجهلو وجود ساري سڪي ويو سڪي سرپر
ٿي خسته دل "خليل" جي ۽ زور زخميو

قبلا! شڪايلن جا قبولي سلام ڏون
مرهون گهريج تو ڪي خدا پاڪ مرهيو

ٻوين جي لاء ٻنهن جي سر پيروي پنيج
بخشائي ٻن خدا ڪان هي بدڪار بي چيو

از نرط غم چيو سون ۽ آهون ڪڍي منجهان
آه ـــــــ ٦
آه ـــــــ ٦
١٢

## سو تاج اتقيائي زمان دين جو ڏيو

١٣٧٧
١٢
ــــــ
١٣٦٥ھ

# پنهنجي مرشد ۽ مربي حضرت صاحب مرحوم جي وفات تي هڪ دردناڪ تاثر

(از حڪيم صاحبزاده محمد سليم جان "سليم" سرهندي)

بنا چنڊ جي رات آ ڪهڙي ڪاري
بنا گل جي گلشن ۾ ڪهڙي بهاري

بنا شمع جي آهي محفل انڌاري
بنا هوت جي زندگي آهي زاري

نه هڙ رنگ دنيا جو بد رنگ اهڙو
ٻيو آهي دنيا سان هي ويل ڪهڙو؟

اسانجون ٻه راتيون هيون يار روشن
اسانجو ٻه هو رشڪ فردوس گلشن

اسانجي ٻه هٿ ۾ هو دلبر جو دامن
هيو دل جي محفل جو سينگار ساجن

جڏهن کان ڪئي آهي سائين وفاتي
ٿي آهي مرگ مسلسل حياتي

اسانکي ڇڏي رڻ ۾ منهڙو مٽائي
وڃين وٺين جنت جون ماڙيون وسائي

اسانکي ڪنيو آهي سورن تپائي
لڏ لڪو ڏسي پيو ڏو هر ڪوستائي

وڃون ڪاڏي ڪنهنجي پلا ٿيون حوالي
اسين جيڪي سڏ جون پيا تنهنجي ٿالي

اها آهي ڏيڍي اها آهي مسجد
اها آ عبادت آهو آهي عابد

ڏسان ڪو نه ٿو پر جڏهن پنهنجو مرشد
وٺي ڪجھ نه دل کي خدا آهي شاهد

اندر ۾ جدائي ڪن ٻاهيون مچن ٿيون
هي جايون سڀئي سونهي ڪائڻ اچن ٿيون

جتي معرفت جا پيالا ٿي ڪوڙڪيا
جتي ذڪر الله سان قلب ڏوڙڪيا

خدا جي محبت جا شعلا ٿي ڀڙڪيا
جتي رند پي پي ٿي مستي مان ٻڙڪيا

جڏهن ڪان ويو آهي سو سهڻو ساقي
سڄو آهي ميخانو ڪجھ ناهي باقي

سي لاهوت جا لاڏلا سهڻا سامي
جي ڪندن ٿيا سڪ جي ڪوري ۾ ڪامي

ڪئي چند تارن ٿي جن جي غلامي
فرشتا هوا جن جا هردم سلامي

اسر ڏني سي سالڪي ويا ڪيچ ڪاهي
وسي ڏوڙ ٿي هائي هت ڪجھ نه آهي

ڏسان پيو سڄيون اڄ سڀئي خانقاهون
نه ٻڌجن ٿيون الله وارن جون آهون

ڪيون ڪفر اهڙيون زبردست ڪاهون
ويون بند ٿي دين دارن تي راهون

ولايت جي دولت ڪاٿان تان هٿ ڪنيوسين
بچايون جي ايمان - بس لڪ ڪنيوسين

ڀني آهي خالي هدايت جي مسند
وڌيو زور آهي ضلالت جو بيحد

ڪري ظالمن جي ٿو هرڪو خوشامد
خدا کان ڊڄي ٿو نه انسان شايد

اهڙڪي زماني ۾ اي منهنجا حضرت
اوهانجي هٿي جڳ ـ کي بيحد ضرورت

ڪي دنيا جي مستيءَ ۾ مدهوش آهن
ڪي صاحب سياست ۾ پرجوش آهن

جي آهين عالم تـه خاموش آهن
هڏا اهل دل جيڪي روپوش آهن

نه اسلام جو درد ڪنهنجي اندر ۾
رکـو آهـي دنيا اسانجي نظر ۾

عزيزو ٿيون عاجز جو مي عرض ٻڌجو
بلي سڄي دنيا اوهين پر نـه سڄو

سدائين بزرگن جي رستي تي هلجو
ڪڏهن مير مرسل جو دامن نه ڇڏجو

انهـي ۾ ئـي آهي اسانجي ڀلائي
انهي کان سواء ڳالهه ٻي سڀ اجائي

ٻڌي هٿ ڪريون رب کي التجاءُن
الهي اسـانجون اگهائين دعائون

پنهنجي فضل سان بخش خالق خطاؤن
ڪرين دفع داتا اسان تـان بلائون

ڪنا، عيب ها ٿا، گنه گار، گندا
آهيون اهڙا، پر آهيون تنهنجا بندا

ٻکين کي اي رزاق تون رزق ڏيندين
اگھاڙن جي ستار تون ڍڪ ڍڪيندين

ضعيفن جو قادر سھارو تون ٿيندين
نڌڪو نہ مولا اسانکي ڇڏيندين

نہ ڏس رب ساڃ اسانجون مدايون
غفور الرحيم آھين تون۔ ڪ ڀلايون

الھي تون اسلام کي بخش عزت
الھي اسانکي عطا ڪــــر ھدايت

ھجي دل ۾ بس مصطفيٰ جي محبت
ھجي تنھنجي ھردم اسانتي عنايت

پيون مير مدني مٿان جام ڪوثر
ڪريون تنھنجو ديدار۔ الله اڪبر

★★★★★★★★★★

# تاريخ وفات فارسي

صاحبزاده حڪيم محمد سليم جان سرهندي (مالڪي) حضرت صاحب (رحمة الله عليه) جن جي وفات تي هڪ لاجواب مرثيه فارسي ۾ "نوحۀ فوق" جي نالي سان چيو آهي. جو اگرچه طويل آهي. مگر زبان ۽ تاثر جي لحاظ سان بي مثال آهي. فارسي دان اصحاب ان مان استفادو ڪري سگهن ٿا.

# "نوحۀ فراق"

(۱)

يا رب چه حالت است جهان گشته سوگوار
مصروف آه هر لب و هر ديده اشڪبار
هر ڪس مرقع الم و ياس وحسرت است
هر چيز وقف رنج و فغان است و اضطرار
هر جانب است شيون و فرياد و نوحه ها
هر سو نوائے ماتم قلب و جگر فگار
افسردگي است برهمه ڪون ومڪان محيط
بے رونقي است غازه سلماني نوبهار
محروم شد چنان ز جهان شادي و نشاط
گويا نزاد گاهه خوشي اندر اين ديار
در مهرو ماه نور نمي آيدم نظر
هر گل همے خلد به نگه در چمن چو خار
بے نور صبح ها است و اوهناڪ شامها
در نظم روزگار خلل گشته آشڪار
اي همنشين بگوئے ڪه آخرچه ماجرا است
اين انقلاب درهمه آفاق از چرا است

آه کشید و گفت چنان در جواب ما
کرد انتقال حضرت عالیجناب ما

وا حسرتا که گردش چرخ ستم شعار
در خاک تیره کرد نهان آفتاب ما

وا حسرتا که جور خزان اجل نمود
تاراج گلشن طرب کامیاب ما

وا حسرتا که سیل فنا بر زمین فگند
قصر نشاط و آرزوئی بے حساب ما

وا حسرتا که صرصر مرگ، حیات سوز
گل کرد شمع بزم مسرت مآب ما

وا حسرتا که شعلهٔ برق بلا فتاد
در عین فصل گل سرخ شاخ گلاب ما

وا حسرتا که ماه مبین در کسوف شد
بے نور و حسن گشته شب ماهتاب ما

وا حسرتا که در صدف قبر خفیه کرد
دزد فلک خزینهٔ در خوشاب ما

وا حسرتا که دست قضا پاره پاره کرد
شیرازهٔ کتاب شرف انتساب ما

وا حسرتا که آتش غم سوخت سینه ها
دوزخ امان همی طلبد از عذاب ما

وا حسرتا که صدمهٔ هجران ربود و برد
از دل قرار و راحت و از دیده خواب ما

آقائے ما و مرشد ما از جهان برفت
نے نے ز دیده نور وزا جسام جان برفت

—(۳)—

آن ماه دلفروز من ای آسمان کجا است
ای گلستان بگوئے کہ سرو روان کجا است
جمعند گرچہ جملہ عزیزان و محفل است
آن صدر بزم و انجمن آرائی جان کجا است
مسند تهی است و بردر و دیوار حسرت است
عزت فزائی مسند و زیب مکان کجا است
بر بزم طاری است چرا ظلمت مهیب
این جاکہ بود بود شمع فروزندہ آن کجا است
با چشم تر همی نگرد چار سو "سلیم"
آن یار دلنواز من آن مهربان کجا است
از چاکهائی قلب و جگر خون همی چکد
آن چارہ ساز و مرهم زخم نهان کجا است
منزل بعید و قافلہ گم کردہ رہ بہ دشت
سالار میر و قائد این کاروان کجا است
ملجائے بیکسان و ملاذ ستم کشان
آن دستگیر و حامیٔ ما عاجزان کجا است
دارم بدل هر آنچہ من از صدمۂ فراق
ظاهر چسان کنم کہ زبان بیان کجا است
در سینۂ فگار بیا چاکہ افگنیم
شیون کنیم و بر سر خود خاکہ افگنیم

—(٤)—

رفتی و جائی خویش بہ فردوس ساختی
مارا برائی خوردن غم وا گذاشتی
بودت همیشہ چشم عنایت بحال ما
اکنون چرا زما رخ نیکو بتافتی

بے ما مشفقے نہ گھے داشتے روا
اکنون بداغ ہجر چرا دل گداختی
از جاہ و مجد و مرتبت و منصب و شرف
ہر شئے کہ خواستی زخدا جملہ یافتی
با شد ازین دگرچہ فزون تر کرامتے
با خلق نیکوئی وبہ الله راستی
بے یار زندگی است چو از مرگ سخت تر
اے عمر حیف برتو چرا تو نہ کاستی
بعد از تو از برائے من اے آشنائے من
نے ماند آشنا و نہ در خلق آشتی
دشمن تمام دہرو بجنگ است کائنات
تنگ است بے تو بر سرما عرصۂ حیات

(۵)

پاکیزہ پیکر تو۔ خجستہ خصال تو
آئینہ کمال اللہی جمال تو
درعلم و فضل و معرفت و صبرو صدق وحلم
زاید نہ باز مادر گیتی مثال تو
درفیض ورشد و زہد و کمالات باطنی
عالی ز فکر ما است مقام کمال تو
حق بین و حق نمائے نگاہ کریم تو
تفسیر قول و نطق پیمبر مقال تو
نامت خدا نہاد "محمد حسن" ازان
محمود ذات تو و حسن بود حال تو
عمر تو در ہدایت وارشاد صرف شد
بر خلق عام بود عطاؤ و نوال تو

وقف فلاح خلق خدا زندگانیت
صرف رضائے خالق خود جان و مال تو
مجموعۂ نکوئی و خوبی و زینت است
سر تا پا وجود شما نور و رحمت است

(۶)

سر چشمۂ هدایت و مرآت حق نما است
بهر زمانہ ذات شما آیت خدا است
دریائی فیض موج سخا گوهر شرف
گنج نوال کان کرم مخزن عطا است
نخل مراد گلشن جود و بهار لطف
ماہ منیر نجم ضیا ابر هدا است
سرشار از شراب ولائی محمدي
انوار در تو جلوه گر از نور مصطفي است
از گلستان حضرت فاروق گلبنٔے
این گلشن از بهار تو شاداب و خوشنما است
چشم و چراغ سلسلۂ نقشبندیان
این خاندان تمام ز نور تو پر ضیا است
از فرق تا قدم همہ خوبی و نیکوئی
ذات گرامئ تو سزاوار هر ثنا است
در مدح تو مبالغہ گر کنم سزد
شان ترا بدانچہ ستایش کنم ورا است
آیم ولے ز عهدۂ وصفت چسان برون
شان تو از تعقل ما بسکہ ما ورا است
آن بہ کنون کہ حق محبت ادا کنیم
بر سینہ سنگ صبر نهیم دعا کنیم

اي روح پاک خلد برین مسکن تو باد
آغوش لطف و رحمت حق مأمن تو باد
از بارگاه قدس تحیات زاکیات
نازل همیشه برتو وبر مدفن تو باد
روز جزا قبائي کرم خلعت رضا
از حضرت رسول خدا برتن تو باد
در نیکي و ثواب به میزان معدلت
افزون ز جمله خلق جهان خرمن تو باد
وقت حساب پیش خدا درمیان خلق
بالا ز افتخار سرو گردن تو باد
در روضه بهشت زگلهائے مغفرت
رشک بهار و عطر فشان دامن تو باد
در بزم انبیا لب کوثر ز خورمي
مانند گل شگفته رخ روشن تو باد
صبح و مساز جانب ما هدیه سلام
شایان بارگاه پذیرفتن تو باد

بادا مدام ذکر تو ورد زبان ما
یاد رخ نکوئي شما حرز جان ما
بے توزبون وزارو حزین است زندگي
اي وائے زندگي اگراین است زندگي

# ایضاً قطعۂ تاریخ وفات حضرت مرحوم

قدس الله تعالیٰ سره

(از:- صاحبزادہ حکیم محمد سلیم جان سرہندی مائلی)

سید ما قبلۂ ما مرجع و ما وائی خلق
خاصۂ حق نائب حضر محمد مصطفیٰ
یوم اثنین بود و تاریخ دوم ماہ رجب
در زمین آسود گنج فیض و عرفان و هدا
روح پاکش چون تمنائی وصال حق نمود
از حریم قدس اهل عرش را آمد ندا
باب رحمت وا کنید اهلاً و سهلاً مرحبا
"مغفور له" آورید این دوست ما را نزد ما

۱۳۶۵ھ

*******

عرف حافظ جان صاحب. هنن جي ولادت سنه ١٣٢٣ﻫ ننڍي سائينداد ۾ ٿي. سندن تعليم ۽ تربيت تي حضرت صاحب (رح) جن خاص ڌيان ڏنو. فارسي جي درسي ڪتابن پوري ڪرڻ بعد کين قرآن مجيد جي حفظ ڪرڻ لاءِ ڇڏيائون. ٻارهن (١٢) سالن جي ننڍي ڄمار ۾ پاڻ سڄو قرآن پاڪ ياد ڪري ورتائون. حضرت صاحب (رح) انهي نعمت عظميٰ جي حصول تي وڏو جشن مسرت ملهايو. شاعرن ۽ اديبن انهي موقعي تي تاريخون ۽ قصيدا چيا. انهن مان قاضي اسد الله شاه ٽکڙائي لفظ "حافظ هاشم" مان ماده تاريخ ڪڍيو. جيڪو عجيب اتفاقات ۽ نوادرات مان آهي. ١٣٣٥ﻫ

شروع عربي علم جا ڪتاب ننڍي سائينداد ۾ پڙهيائون. پوءِ حضرت صاحب (رح) جي مشوري سان اجمير شريف جي مشهور عالم ۽ منطقي مولانا معين الدين صاحب اجميري وٽ اجمير ۾ رهي، سڄو درس نظامي پڙهي پورو ڪيائون ۽ مولويت جي پڳ ٻڌائون. سندن دستار بندي واري تقريب ننڍي سائينداد ۾ وڏي اهتمام سان ملهائي ويئي. سنڌ ۽ هند جا گهڻا علماء ۽ مشائخ انهي موقعي تي موجود هئا.

طب ۽ حڪمت جا ڪتاب مولانا موصوف جي ڀاءُ شفاءالملڪ حڪيم نظام الدين صاحب وٽ پڙهي، انهي فن ۾ وڏي دسترس حاصل ڪيائون.

جيد عالم دين، حاذق حڪيم ۽ بي مثال مقرر ۽ خطيب آهن علم ۽ فضل جي هن عميق سمونڊ بابت فارسي شاعر ڪهڙو نه چڱو چيو آهي.

آنکه آمد راست بر بالاش تشریف علوم
ثانیش کس نیست در معقول الا بوعلی

حضرت حافظ صاحب جن جي شخصيت پر ڪشش ۽ ڪچهري قرب واري آهي- سندن تڪلم دلنواز ۽ سندن تخاطب روح پرور آهي- طبع جا حليم، نرمي ۽ ڌيرج سان گفتگو ڪندڙ، مهر ۽ محبت جا مجسم، پنهنجي تحرير ۾ غضب جي بلاغت ۽ تقرير ۾ بلا جي فصاحت رکن ٿا- سندن ڪچهريءَ ۾ وهڻ کان پوءِ اٿڻ لاءِ دل نه گهرلدي ۽ ملاقاتي اٿڻ چاهيندو ته سندن مٺا ٻول ٻڌندوئي رهان- (بقول شاهه)

مٺايون مٺو گهڻو ڪڙو ناهه ڪلام
سڪوت ٿي سلام، قربان سندي پاڙجو

سندن فرزندن سان هنوقت محمد عابد جان ۽ خالد جان آهن-

## حضرت صاحب جو چوٿون فرزند

صاحبزاده محمد حنيف جان آهي- کين چار فرزند آهن- جن جا نالا هي آهن:-

(١) محمد منيف جان (٢) محمد مجيب جن (٣) فريد احمد جان (٤) حفيظ احمد جان-

* * * * * * * * *

۽ ماڻهون کي سائن ڳهري ڏيڻ، يا گفتگو ڪرڻ جي جرأت ڪانه ٿيندي هئي. سندن مجلس ۾ سڀ تي رعب طاري هوندو هو. هرڪو دم بخود پنهنجي جاءِ تي ويٺو هوندو هو.

سندن ڪشف ۽ ڪرامتن جا قصا اڄ به سنڌ جي جهونن جي زبانن تي آهن. يا انهن کان ٻڌل ڳالهيون سندن وڏن کي ياد آهن. افسوس ته سندن اوهي مجلسي ماڻهون ۽ مريد مري ويا. ۽ اهي سونهاري سٿ جو ڪو سائي نه رهيو آهي.

حضرت حاجي محمد اسماعيل جان (رح) "روشن" سرهندي (جيڪو سندن ڏهٽو ٿئي) سندن حالات ملفوظات، ۽ ڪرامات تي هڪ ڪتاب فارسي ۾ "جواهر نفيسه" جي نالي سان لکيو آهي. جيڪو ايان اڻ ڇپيل آهي.

حضرت حاجي غلام عبدالله (رح) ٽي ڀيرا حرمين شريفين جي زيارت کان مشرف ٿيا هئا. آخري ڀيري جڏهن پاڻ مڪه مڪرمه ۾ حج جي ارادي سان مقيم هوا ته رب سائين پنهنجي ديدار لاءِ گهرائي ورتن. ۽ ۹- ذي قعده ۱۲۹۱هه ۾ واصل با الله ٿيا. ۽ شبيڪيه جي قبرستان ۾ دفن ٿيا. حضرت بلال مجددي دهلوي جي ڏاڏي حضرت محمد عمر مجددي (رح) سندن هي تاريخ وفات چئي. ۽ لوح مرقد تي لکائي.

**********

# تاريخ وفات حضرت حاجي غلام عبيدالله مجددي الفاروقي قدس الله تعاليٰ سره

---

کرد حضرت غلام جان وفات　　نقشبندي مجددي آگاه

شب شنبہ نهم ز ذي قعده　　يافت جا در حريم بيت الله

بدعا گفت سال فوت "عمر"

نور الله قبره و ثراه

۱۲۹۱ھ

حضرت حاجي غلام عبيدالله (رح) جن وفات وقت ٽي فرزند ڇڏيا جن جا نالا هي آهن۔ (۱) غلام دستگير جان (۲) محمد صالح جان (۳) محمد مقيم جان۔ هيٺ انهن جو ڌار ڌار ذکر پيش ڪجي ٿو:-

**سندن پهريون فرزند:-**

هنن جو اسم گرامي آهي:- حضرت حاجي غلام دستگير جان (رحمة الله عليه پاڻ منهنجا والد ماجد آهن۔ سندن ولادت ارغستان (افغانستان) اندر ۱۲۸۳ھ ۾ ٿي۔ سندن تعليم ۽ تربيت پهريان پنهنجي تهذ گاه ۽ آن کان پوء پنهنجي عم محترم حضرت حاجي عبدالرحمان (رح) جي نظر فيض اثر هيٺ ٿي۔ سلوڪ طريقه عاليه نقشبنديه جو سبق پنهنجي بزرگوار پيءُ حضرت صاحب مڪي وارن کان ورتو هوائون۔ علم ظاهري ۽ باطني ۾ ڪماليت جي درجه تي پهتل هئوا۔ پاڻ افغانستان ۾ سڪونت رکندا هوا۔ ۽ سنڌ ملڪ ۾ به هر سال سندن

المحبت" دور ۾ اهڙي قربانيءَ انسان جو وجود بيحد غنيمت آهي.

ماڻهون سڀئي نہ سهڻان، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي
(شاهہ)

ادا محمد سليم جان کي ٻہ فرزند آهن (١) عبيدالله جان (٢) محمد رحيم جان اهي ٻئي صاحبزادا منهنجا ڀائيٽا ٿين. عبيدالله جان طب جي سند رکي ٿو. ۽ پنهنجي والد جي دواخاني ۾ ڪم ڪندو آهي. محمد رحيم جان زمينداري جو ڪم سنڀالي ٿو.

## حضرت محمد مقيم جان جو ٻيو فرزند:-

سندس نالو محمد نعيم جان آهي. پيدائشي گونگو آهي. مگر عقل ۽ فهم ۾ ڏاڍو تيز آهي. پنهنجو گهرو ڪاروبار سڀ پاڻ سنڀالي سندس هڪ فرزند آهي، جنهنجو نالو حليم جان آهي.

سلمه ربه

برخوردار مکرم شاه عبدالعزیز جان

بعد از دعوات خط شما رسید خیریت شما دعای خیر

خورسند دعای تحیه قبول فرمایند برخوردار را بندگی او

تعالی با خلوص و محبت و نماز و روزه بجا آوردن

و بندگی شرعی امور و پرهیز کردن از عملهای این مرض شد

درآن باید کوشید و خدمت خلق الله با خلوص دل کوشش

بجا آورده باشید امید است که در هیچ شما لطف خواهد

و عمر زیاده بدل خواهد شد انشاء الله قسمت ما و شما

بخیر فرماید والسلام علیکم ۲۳ ذی قعده ۶۳

فقیر محمد حسن عفی عنه

(جناب حضرت صاحب (رح) جو مڪتوب مبارڪ هن ڪتاب جي مصنف ڏانهن)

"مقبره شريف" گنجي جبل ۾ حضرت صاحب (رح) جي
آخري آرام گاه



قبلا! سڪايلن جا قبولي سلام تون
مرهون گهريج، توکي خدا پاڪ مرهيو

# ڇپل نامو

باوجود گهڻي احتياط جي ہ ڪتاب جي ڇپائي ۾ پروف جون غلطيون ڪافي انداز ۾ رهجي ويون آهن. اسين پڙهندڙن کان معذرت خواه آهيون. مصنف)

| صفحه نمبر | سٽ نمبر | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| الف | ٥ | ڊول | ڊولي |
| ب | ٩ | واا | وارا |
| ت | ٧ | اشراڪ | اشراق |
| ت | ٢٥ | نظر | X |
| ت | ٢٦ | ٿن | ٿي |
| د | ٢٠ | پڙهن | پڙهڻ |
| ع | ٨ | آفتات | آفتاب |
| ١ | ١٣ | مالا مل | مالا مال |
| ٣ | ٥ | سيرپو | سيوپو |
| ٥ | ١٩ | اهي | انهي |
| ٦ | ١١ | محد | محمد |
| ٧ | ٥ | نفيس | نفس |
| ٧ | ١٢ | ه | هو |
| ١٠ | ٣ | سان | سان |
| ٢٠ | ١١ | ته | تي |
| ٢٧ | ١٧ | عمل بردار | علم بردار |
| ٢٩ | ٦ | ٿيل | X |
| ٢٩ | ١١ | س | سر |
| ٣٠ | ١٦ | برن | قبرن |
| ٣٣ | ٢ | مش | مشا |
| ٣٤ | ١٤ | عبدار | عبدالر |
| ٣٥ | ١٢ | اٿن | اٿن |
| ٣٥ | ٢٢ | دور | دور ۾ |
| ٣٦ | ١٠ | الهي | X |
| ٣٦ | ١١ | سندن | X |
| ٣٦ | ١٩ | ۾ | X |
| ٣٧ | ١٨ | ملا مانن | ملاقاتن |

| صفحه نمبر | سٽ نمبر | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۳۸ | ۳ | ابل | قابل |
| ۳۱ | ۱ | معلمولات | معمولات |
| ۴۳ | ۷ | ضا | قضا |
| ۴۴ | ۱۲ | شال | شال به |
| ۴۶ | ۷ | منقبپ | منقبت |
| ۴۶ | ۱۵ | آداد | آبداد |
| ۴۷ | ۱۳ | اقاب | القاب |
| ۴۸ | ۹ | ڇي | X |
| ۴۸ | ۱۴ | كرامات | كرامت |
| ۵۱ | ۵ | عيلبين | عليين |
| ۵۱ | ۱۷ | ۱۲۶۵ھ | ۱۳۶۵ھ |
| ۵۳ | ۱۶ | رب | قرب |
| ۵۷ | ۶ | ڪ | ڪر |
| ۵۸ | ۱۳ | ماتم | ماتم |
| ۵۸ | ۲۰ | ارمناک | المناک |
| ۵۹ | ۱۲ | سرخ | X |
| ۵۹ | ۲۱ | برع | برد |
| ۶۲ | ۲۰ | وراست | رواست |
| ۶۴ | ۵ | حضر | حضرت |
| ۶۵ | ۱ | مجاد | ا.جاد |
| ۶۵ | ۱۳ | ذه | ذه سال |
| ۶۶ | ۲۰ | ۱۳۱۰ھ | ۱۳۱۱ھ |
| ۶۹ | ۷ | رهن | رهان |
| ۶۹ | ۱۰ | خالد | حامد |
| ۷۰ | ۱۳ | جذبه | جذب |
| ۷۱ | ۱۰ | تفسيه | تفيسه |
| ۷۳ | ۸ | دارا فنان | دارفنا |
| ۷۳ | ۱۵ | دستيگر | دستگير |
| ۷۴ | ۴ | فزسين | فزيشن |
| ۷۵ | ۱ | ۱۹۶۸ع | ۱۹۶۷ع |
| ۷۵ | ۲۷ | واله | والد |
| ۷۶ | ۹ | ڪريا | ڪريان |
| ۷۶ | ۱۳ | مدر | مدرسه |
| ۷۸ | ۱۹ | حاجي عبدالله | حاجي غلام عبدالله |
| ۸۰ | ۱۲ | شاعوي | شاعري |

# حڪيم پير عبدالعزيز جان سرهندي

## جا لکيل ڪتاب

### ١- تذڪره خواجگان نقشبند (اردو)

هن ڪتاب ۾ نقشبندي سلسلہ جي مٿين بزرگن جا حالات ۽ سندن ڪمالات سهڻي نموني سان لکيا ويا آهن- حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ حضرت صديق اڪبر (رض) کان وٺي حضرت مجدد الف ثاني (رح) تائين- پوءِ سندن فرزند حضرت امام محمد معصوم (رح) کان طريقہ عاليہ نقشبنديہ مجدديہ جي مٿين مشائخن جو تذڪرو اسانجي روحاني رهبر حضرت خواجہ حاجي محمد حسن جان (رح) تائين دل نشين ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي- قريباً ٢٠٠ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب جلد زيور طبع سان آراستہ ٿي شائقن جو نظر نواز ٿيندو.

### ٢- "خفتگان خاڪ" (اردو)

هن ڪتاب ۾ مختلف بزرگن، عالمن، شاعرن ۽ بادشاهن جا حالات زندگي ۽ سندن علمي ۽ ادبي ڪارناما، شاعري جا نمونا، ۽ وفات جون نادر تاريخون ڏنيون ويون آهن- جي پڙهڻ ۽ ڏسڻ سان تعلق رکن ٿيون- ڪتاب اڃان ڇپيو ناهي- هنجي اشاعت لاءِ انتظام ڪيو پيو وڃي-

### ٣- ڪلهي ڦاٽو ڪنجو (سنڌي)

هي ڪتاب مصنف جي ڌار ڌار مضمونن جو مجموعو آهن- جنهن ۾ ادب، تاريخ ۽ تصوف تي لکيل مقالا مطالعہ جي قابل آهن- قريباً ٣٠٠ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب جلد از جلد منظر عام تي اچڻ وارو آهي.

---

هن پتہ تي معلومات حاصل ڪريو-

**سرهندي پبليڪيشن**

**ڪنري (سنڌ)**